هفتيوار رسالو

# پيءُ جي عظمت ۽ شان

(سنڌي)



اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰہ جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفڪربيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

رسالي جو نالو: پيءُ جي عظمت ۽ شان

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

www.dawateislami.net

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

# پيءُ جي عظمت ۽ شان

**ترجمو**

**ترانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ترانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط
بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط

# پيءُ جي عظمت ۽ شان(1)

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود پاڪ لکيو، ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ رهندو، فرشتا ان جي لاءِ استغفار (بخشش جي دعا) ڪندا رهندا.(2)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ماءُ جي محبت سان گڏوگڏ پيءُ سان محبت جو به اظهار ٿيڻ گهرجي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! والدين جي خدمت تمام وڏي سعادت آهي، ڪجهه ماڻهو والدين جي خدمت ۽ برڪت ڪان تمام گهڻو پري ٿي ويندا آهن، اهي هيءَ ڳالهه نٿا سمجهن ته اهي ڪيترين وڏين هستيون آهن. ماءُ جي باري ۾ ته اسان گهڻو ڪجهه ٻڌندا رهندا آهيون ته ماءُ جي دعا جنت جي هوا آهي، ماءُ جي پيرن هيٺان جنت آهي.(3) ماءُ جي پيرن کي جنت جي چانئٺ سڏيو ويو آهي.(4) ماءُ، ماءُ ئي هوندي آهي، هن ۾

1... هي بيان مبلغ دعوتِ اسلامي ۽ رڪنِ شورىٰ، حاجي ابو مدني، عبد الحبيب عطاري مدظله العالي ٻهرين صفر المظفر 1442 هه بمطابق 18 سيپٽمبر 2020ع تي، فيضانِ اعلىٰ حضرت مسجد، منظور ڪالوني ڪراچي ۾، پنهنجي والد مرحوم جي ورسي جي موقعي تي انهن جي ايصالِ ثواب لاء منعقد ڪيل عاشقانِ رسول جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ فرمايو. جڏهن هي بيان مدني چينل تي آن ايئر ٿيو ته اميرِ اهلِ سنت حضرت علامه محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڪيس دعائن سان نوازيو ۽ هن مواد تي تحريري صورت ۾ به رسالو اچڻ جي خواهش جو اظهار فرمايو. (شعبو ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت)
2... معجمِ اوسط،باب الالف،من اسمه احمد، ١/٤٩٧، حديث:١٨٣٥-
3...... مسند الشهاب، ١/١٠٢، حديث:١١٩-
4...... در مختار،ڪتاب الحظر والاباحة، فصل فی النظر والمس، ٩/٦٠٦-

ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ ماءُ جو ڪنهن سان بہ مقابلو نہ ٿو ڪري سگهجي، ماءُ جو دنيا ۾ ڪو بہ نعم البدل نہ آهي. پر پيءُ جي خدمت ۽ ادب ۽ احترام جي حوالي سان اها شيءِ نظر نٿي اچي جيڪا اچڻ گهرجي ۽ نہ ئي پيءُ سان ايتري محبت جو اظهار ڪيو ويندو آهي، جڏهن تہ اسان جي زندگي ۾ پيءُ جي هڪ خاص اهميت ۽ اهم ڪردار آهي.

## پيءُ جي خدمت، پُٽَ کي مالا مال ڪري ڇڏيو

هڪ شخص کي چار پٽ هئا، هو بيمار ٿيو، تہ هن جي هڪ پٽ پنهنجي ڀائرن جي اڳيان هڪ عجيب فارمولو پيش ڪيو تہ اوهان ٽئي گڏجي بابا جي تيمارداري ڪيو، جڏهن اوهان ايتري وڏي نيڪي ڪمائيندؤ تہ پوءِ وراثت مان حصو نہ ونجو يا مون کي اهو ڪم ڏيو تہ مان بابا جي تيمارداري ڪيان، سڄي خدمت بجا آڻيان ۽ وراثت مان بہ حصو نہ ونان. وڏي عجيب ڳالهہ هئي، پئسا ڪير ڇڏيندو آهي؟ پر اهو ڀاءُ ڄاڻي پيو تہ پيءُ جي خدمت جو ڪيترو اجر آهي؟ ٽنهي ڀائرن چيو: هن کان وڌيڪ بهتر ٻي ڪهڙي ڳالهہ هوندي، تون ئي بابا جي خدمت ڪر ۽ وراثت مان بہ ڪجهہ نہ وٺ. بهرحال اهو فارمولو طئي ٿي ويو ۽ اهو ڀاءُ پنهنجي پيءُ جي خدمت ڪندو رهيو، ايستائين جو سندس پيءُ جو انتقال ٿي ويو. ان خدمتگار پٽ وراثت مان ڪو بہ حصو نہ ورتو ڇو تہ واعدو ڪيو هئائين تہ مان پيءُ جي خدمت ڪندس تہ وراثت مان بہ حصو نہ ونندس. هاڻي ڇا ٿيو؟ هڪ رات هو سُتو تہ خواب ۾ ڪيس آواز آيو، ڪو چوڻ وارو چئي رهيو هو تہ فلاڻي جاءِ تي وڃ ۽ اتي 100 دينار يعني 100 سون جا سڪا موجود آهن، اهي کڻي وٺ. هن شخص خواب ۾ ٻڌائڻ واري کان پڇيو تہ ڇا انهن 100 دينارن ۾ برڪت آهي؟ هن چيو: انهن ۾ برڪت نہ آهي. صبح جو اٿي هن شخص پنهنجي زال کي ٻڌايو: مون کي خواب ۾ هڪ جاءِ ٻڌائي وئي آهي تہ اتي 100 دينار آهن پر مون کڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ڇوتہ انهن ۾ برڪت نہ آهي. سندس زال چيو: عجيب ماڻهو آهين،

پهريان وراثت ڇڏيئي، ان مان ٻه ڪو حصو نه ورتئي، هاڻي 100 دينار ملي رهيا هئا، تون غريب ٻه آهين اهي ته ڪٽي وٺين ها. هن چيو: مون کي اهو مال نه گهرجي جنهن ۾ برڪت نه هجي. ٻي رات سُتو ته وري ڪيس خواب ۾ هڪ جاءِ ڏيکاري وئي ته فلاڻي جاءِ تي سون جون 10 اشرفيون آهن، اهي ڪٽي وٺ. هن پڇيو: ڇا انهن ۾ برڪت آهي؟ چيو ويو: نه انهن ۾ برڪت نه آهي. صبح جو اٿي هن شخص زال کي ٻڌايو ته سندس زال چيو: عجيب ماڻهو آهين، 100 دينارن کان 10 تي اچي ويو آهين، 10 ته ڪٽي وٺين ها. چيائين: جن ۾ برڪت نه آهي ته اهي مون کي نه گهرجن. ٽين رات سُتو ته وري خواب ۾ ڪيس هڪ جاءِ ڏيکاري وئي ته اتي هڪ دينار آهي، اهو ڪٽي وٺ. هن پڇيو: ڇا ان ۾ برڪت آهي؟ خواب ۾ ٻڌايو ويو ته ها! ان ۾ برڪت آهي. تنهنڪري اهو شخص صبح جو اٿي ان جاءِ تي ويو ۽ اتان هڪ دينار ڪٽي آيو. ان کان پوءِ هن ان دينار مان گهر وارن لاءِ ٻه مڇيون خريد ڪيون ته جيڪڏهن ٻيو ڪجهه نه ته گهر وارن کي سنو ڪاڏو ته کارايان. جڏهن گهر آيو ۽ هن ٻنهي مڇين جو پيٽ چيريو ته انهن ٻنهي مڇين جي پيٽ مان هڪ هڪ موتي نڪتو، اهي تمام عجيب ۽ غريب ۽ منفرد (Unique) موتي هئا، هن انهن ٻنهي موتين کي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو.

ان ئي ڏينهن بادشاهه حڪم جاري ڪيو ته مون کي هن رنگ ۽ هن ڊيزائن جو موتي گهرجي، بادشاهه جا نمائندا سڄي شهر جي زيورن جي دڪانن تي ويا پر ڪٿان ٻه اهو موتي نه ملي سگهيو. آخرڪار خبر پئي ته فلاڻي محلي ۾ هڪ ماڻهو آهي جنهن جي مڇي جي پيٽ مان اهڙو موتي نڪتو آهي جنهن جهڙو ماڻهن اڳ ۾ نه ڏٺو آهي. ماڻهو پڇندا پڇندا هن جي دروازي تائين اچي پهتا، جڏهن موتي ڏٺائون ته چيائون: بادشاهه کي اهڙو ئي موتي گهرجي، جڏهن بادشاهه کي اهو موتي ڏيکاريو ويو ته هن ٻه چيو ته: ها، اهو ئي موتي آهي. هاڻي ان موتي جي قيمت پڇي وئي، جيئن ته اڳين زماني ۾ گڏهن ۽ گهوڙن تي سامان کنيو ويندو هو، تنهنڪري هن شخص چيو: 30 خچر (يعني Mules 30)

سون. بادشاهه 30 خچرن تي سون سان ڀريل ٻوريون رکرائي ان کان اهو موتي خريد ڪري ورتو. هڪ دينار جي برڪت سان ڪيترو مال گڏ ٿي ويو، اهو به اجان رڳو هڪ موتي ئي وڪرو ٿيو آهي. بادشاهه اهو موتي ڪٽي ان ڪم جي ماهر کي ڏنو، هن بادشاهه کي چيو: هڪ موتي سان خوبصورتي نه ايندي، ان جي جوڙي هجڻ گهرجي، جڏهن هن طرح جو هڪ ٻيو به موتي ملندو تڏهن ان جي اصل قيمت ٻٽبي. بادشاهه چيو: هڪ ٻيو موتي به ڳوليو، جيتوڻيڪ ٻيڻي قيمت ڏيڻي پوي. پوءِ موتي ڳوليو ويو پر ڪٿي به نه مليو، ماڻهو ٻيهر ان ئي شخص جي دروازي تي پهتا، ڪانئس پڇيائون: ڇا تو وٽ اهڙو ٻيو به موتي آهي؟ هن وراڻيو: اهڙو ٻيو موتي ته آهي پر اهو اوهان کي ٻيڻي قيمت تي ملندو، تنهنڪري هنن ان شخص کان 60 خچر سون جي بدلي ۾ اهو موتي خريد ڪيو.[(1)] هن واقعي مان اسان کي پيءُ جي خدمت ڪرڻ سان گڏوگڏ اهو به سکڻ جي لاءِ مليو ته بيشڪ ٿورو مال جنهن ۾ برڪت هجي اهو ان گهڻي مال کان بهتر آهي جيڪو حرام هجي ۽ برڪت کان خالي هجي. بهرحال ان پٽ پيءُ جي خدمت ڪئي ته الله پاڪ کيس غيب جي خزانن مان مالامال ڪري ڇڏيو.

## ماءُ جي خدمت جو صِلو

هن طرح جو هڪ مشهور قرآني واقعو سورت بقره ۾ به موجود آهي، بقره عربي ۾ ڳئون کي چئبو آهي، هن سورت ۾ ان ڳئون جو واقعو آهي جيڪا دنيا جي سيني کان مهانگي ڳئون هئي، جنهن جي قيمت ۾ ان ڳئون جي کَل ۾ سون ڀري ان زماني جي ماڻهن ان نوجوان کي ڏنو هو جنهن پنهنجي ماءُ جي خدمت ڪئي هئي، ماءُ جي اطاعت ڪئي هئائين ته الله پاڪ کيس اهڙي ڳئون عطا ڪئي جو ان جهڙي ڳئون سڄي دنيا ۾ ٻيو ڪٿي به نه هئي.[(2)]

---

1... حلية الاولياء، طاؤس بن كيسان، ۸/۴، حديث: ۴۵۲۳، رقم: ۲۴۹ بتصرفِ قليل۔

2... تفسير صاوی،پ ۱،البقرة، تحت الآية:۷۱، ۷۵/۱ ۔ هن قرآني واقعي ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ ڪيترين ئي عبرت انگيز ۽ نصيحت ڀريون ڳالهيون معلوم ڪرڻ لاء، مکتبة المدينه جي ڪتاب ”عجائب القرآن مع غرائب القرآن“ جي صفحي نمبر 37 کان 41 تائين جو مطالعو ڪريو. (شعبه ملفوظاتِ امير اہلِ سنّت)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! انهن واقعن مان جيڪا ڳالهه سکڻ واري آهي، ان ۾ والدين ۽ ٻارن ٻنهي لاءِ درس آهي. والدين چوندا آهن تہ ٻارن جي لاءِ گهڻو ڪجهہ ڇڏي وڃڻو آهي، اڙي يار! ٻارن جي لاءِ ئي تہ ڪمائي رهيو آهيان، ٻارن جي لاءِ گهر ناهڻو آهي، فيڪٽري ناهڻي آهي، اهو نہ سوچيندا آهن تہ ٻارن جي لاءِ حلال ڪمائي رهيا آهن يا حرام؟ ٻارن جي ڪهڙي تربيت ڪري رهيا آهن؟ ياد رکو! جيڪو شخص ٻارن جي لاءِ مال ڇڏي وڃي ۽ ٻارن جي تربيت نہ ڪري تہ اهي ان مال سان حرام ڪم ڪندا تہ عذاب ان کي ملندو. حضرتِ سَيِّدُنا عمر بن عبدُالعزيز رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي باري ۾ اچي ٿو تہ جڏهن اهي دنيا مان وڃڻ لڳا تہ انهن وٽ تمام ٿورو مال هو. ڪنهن پڇيو: اوهان پنهنجن ٻارن جي لاءِ ڪجهہ نہ ڇڏيو آهي. پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ڪهڙو نہ شاندار جواب ڏنو تہ جيڪڏهن منهنجا ٻار الله پاڪ جا نافرمان آهن تہ انهن جي لاءِ ڪجهہ ڇڏي وڃڻ درست ئي نہ آهي جو اهي ان کي غلط ڪمن ۾ خرچ ڪندا ۽ جيڪڏهن الله پاڪ جا فرمانبردار آهن تہ الله پاڪ پنهنجي غيب جي خزانن مان انهن کي عطا فرمائيندو، انهن کي پاڻ ئي غني ڪري ڇڏيندو ۽ انهن جي روزي ۾ برڪت وجهي ڇڏيندو.(1)

## حلال ٿورو بہ هجي ان ۾ برڪت هوندي آهي

هتي بہ ڳالهيون قابلِ ذڪر آهن: پهرين ڳالهہ نيڪ اولاد جيڪا والدين جي ڇڏيل مال کي درست طريقي سان استعمال ڪري ۽ ٻي ڳالهہ حلال مال. جيڪڏهن حلال مال ٿورو بہ هجي تہ الله پاڪ ان ٿوري مال ۾ بہ اولاد جي لاءِ برڪت وجهي ڇڏيندو آهي. دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا مثال موجود آهن تہ ارب پتي ماڻهو پنهنجن ٻارن جي لاءِ تمام وڏو ڪاروبار ڇڏي دنيا مان هليا ويندا آهن ۽ انهن جي اولاد غلط ڪمن ۾ لڳل هوندي آهي، ٿوري ئي عرصي ۾ سمورو ڪاروبار تباهہ ٿي ويندو آهي، پر غريب ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن دنيا مان ويندو آهي ۽ ان جي اولاد نيڪ هوندي آهي، الله پاڪ انهن کي ايترو نوازيندو آهي ۽ انهن جي

1...... احياء العلوم،كتاب ذم البخل و ذم حب المال،بيان ذم المال وكراهة حبه، ٢٨٨/٣ ـ

مال ۾ برڪت فرمائيندو آهي جو اهي پنهنجي پيءُ کان به ڪاروبار ۾ اڳتي نڪري ويندا آهن. الله پاڪ کان حلال روزي گهرڻ گهرجي ته مولا! جيڪو به ڏي، حلال ڏي، برڪت وارو ڏي، خير ۽ سڪون وارو ڏي. حلال ڀلي ٿورو ئي هجي، اهو تمام گهڻو برڪت وارو هوندو آهي. ڪيترائي ڪروڙ پتي ماڻهو اهڙين بيمارين ۾ مبتلا هوندا آهن جو سڄي سڄي رات پاسا وَرائيندا رهندا آهن پر ڪين ننڊ نه ايندي آهي، جڏهن ته هڪ ريڙهو لڳائڻ وارو غريب ماڻهو رات جو سڪون جي ننڊ سمهندو آهي، پنج وقت جو نمازي هوندو آهي ۽ ان جا ٻار فرمانبردار هوندا آهن. معلوم ٿيو ته اصل شيءِ دل جو سڪون **(Peace of Heart)** آهي، ڏوڪڙ ضروري نه آهن، دل جو سڪون ضروري آهي.

## والد ڇانوَ ڏيڻ وارو وڻُ آهي

**ياد رکو!** والد اهو ڇانوَ ڏيڻ وارو وڻ آهي جيڪو سج جي تپش پاڻ سهندو آهي ۽ ٻارن کي ڇايو مهيا ڪندو آهي، ڏينهن رات ڪم ڪندو آهي ته ٻار خير سان کاڌو کائين، اسان کي خبر نه پوندي آهي پر والد پنهنجون خواهشون قربان ڪري اسان کي ڪارائي رهيو هوندو آهي ۽ اسان جون فرمائشون پوريون ڪري رهيو هوندو آهي، جڏهن ٻار بازار ۾ وڃي فرمائش ڪندو آهي ته بابا هيءَ شيءِ گهرجي ۽ والد ڏسندو آهي ته سندس کيسي ۾ ته ايترا پيسا ئي نه آهن، پر ٻار تمام گهڻو ضد ڪري رهيو هوندو آهي ته والد پنهنجي بجيٽ کي پاسي تي رکي به پنهنجي ٻار جي خواهش پوري ڪندو آهي. اهو اسان جي والد اسان سان ڪيو آهي ۽ اوهان جي والد به اوهان سان ڪيو هوندو ته پاڻ تڪليفون برداشت ڪيون پر ٻارن لاءِ آسانيون فراهم ڪيون. ياد رکو! وڻ جي پنن جي هينان ڇانوَ هوندي آهي پر وڻ مٿان تمام گهڻو گرم هوندو آهي چاڪاڻ ته اهو سموري تپش پنهنجي مٿان ڪٽندو آهي. الله پاڪ والد جي صورت ۾ ايڏي وڏي نعمت عطا ڪئي آهي جيڪو اڳر جهلي هلڻ سيکاريندو آهي، والد هميشه چاهيندو آهي ته منهنجو پٽ ترقي ڪري. دنيا ۾ عام طور تي ماڻهو ڪنهن کي ترقي ڪندو ڏسڻ پسند نه ڪندا آهن، حسد جو شڪار ٿي ويندا آهن، پر پيءُ اها هستي

آهي جو جڏهن ان جو پٽ ترقي ڪندو آهي تہ ڪيس خوشي ٿيندي آهي چوتہ والد ۽ اولاد جو رشتو بي لوث رشتو آهي، هو پاڻ ڏک ۽ تڪليف برداشت ڪندو آهي پر پنهنجن ٻارن کي غمگين ٿيڻ نہ ڏيندو آهي. جيڪڏهن ٻار مايوس ٿي وڃي يا ڪنهن مشڪل ۾ اچي وڃي تہ هو ان جو حوصلو وڌائيندو آهي، ان کي چوندو آهي: پٽ! گهٻراءِ نہ، مان جو وينو آهيان، حالانڪ هو پاڻ بہ گهٻرايل هوندو آهي، هو پاڻ بہ پريشان هوندو آهي پر گهر ۾ ڪنهن کي نہ ٻڌائيندو آهي تہ منهنجي مٿان ڪيتريون پريشانيون(Problems) آيل آهن. ان کي خبر آهي تہ جيڪڏهن ٻارن کي يا ٻارن جي ماءُ کي ٻڌائيندس تہ اهي سڀ بہ پريشان ٿي ويندا، انهن کي پريشان ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اڙي مان آهيان نہ! مُنهُن ڏِئِي ويندس، پوءِ ڪڏهن قرض ڪڻندو آهي تہ ڪڏهن مشڪل زندگي گذاريندو آهي پر پنهنجي ٻارن کي ڪنهن بہ قسم جو ڪوسو واءُ لڳڻ نہ ڏيندو آهي.

## ماءُ پِيءُ جي خدمت ڪرڻ وارا خوش نصيب هوندا آهن

هڪ وقت ايندو آهي جڏهن ٻار جوان ۽ والد پوڙهو ٿي ويندو آهي، هاڻي ٻار جو وارو آهي تہ هو پيءُ جي خدمت ڪري. ياد رکو! جيڪڏهن اسان سڄي زندگي بہ ماءُ پيءُ جي خدمت ڪيون تہ بہ انهن جو احسان ۽ بدلو نٿا لاهي سگهون چاڪاڻ تہ انهن اسان جي خدمت ان وقت ڪئي جڏهن اسان کي هلڻ نٿي آيو، کاڌو کائڻ نٿي آيو، اسان بي لباس ۽ ڪمزور هئاسين، انهن همت ڪئي ۽ اسان کي پالي نپائي هڪ مضبوط وڻ بڻايو. هاڻي جڏهن انهن جي خدمت ڪرڻ جو وقت آهي تہ اسان کي سعادت سمجهي انهن جي خدمت ڪرڻ گهرجي. خوش نصيب آهي اها اولاد جنهن کي ماءُ پيءُ جي خدمت ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي، نہ تہ ڪيترائي ماءُ پيءُ اهڙا هوندا آهن جو خدمت جو موقعو ئي نہ ڏيندا آهن، اسان جي خدمت ڪندي ڪندي دنيا مان هليا ويندا آهن. ماڻهو چوندو آهي تہ مون کي تہ موقعو ئي نہ مليو، آخري وقت تائين والد ئي اسان کي کارائيندو رهيو، والد ئي اسان تي مهرباني ڪندو رهيو، اسان جي ماءُ ئي اسان تي مهرباني ڪندي رهي، اسان کي تہ موقعو ئي نہ

ڏنائون ته اسان انهن جي ڪجهه خدمت ڪري سگهون.

(هن موقعي تي مبلغِ دعوتِ اسلامي ۽ رڪنِ شوريٰ، حاجي ابو مدني، عبد الحبيب عطاري مدظله العالی پنهنجي والده ماجده جو ذڪر ڪندي فرمايو:) ”منهنجي والده مرحومه جو جڏهن انتقال ٿيو، ته مان ان وقت پاڪستان ۾ نه هئس بلڪ بغداد شريف ۾ هئس. مون کي گهر وارن ٻڌايو هو ته جنهن رات والده جو انتقال ٿيو، ان رات، رات جو ڪاڏو انهن پاڻ تيار ڪيو هو، ان وقت به هنن پنهنجي خدمت جو موقعو فراهم نه ڪيو. هو الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دعا گهرنديون هيون ته اي الله پاڪ! مون کي پاڻ کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو محتاج نه بڻائجانءِ. الله پاڪ انهن جي دعا قبول فرمائي.“

هاڻي ان کان وڌيڪ بدنصيب ٻيو ڪير آهي جنهن کي والد يا والده جي خدمت جو موقعو مليو ۽ هو اهو چوي ته مان هن پوڙهي يا پوڙهيءَ جي ڪري پريشان ٿي ويو آهيان. ايترا پئسا ماءُ پيءُ تي خرچ ڪريان؟ حيف آهي اهڙي اولاد تي، جيڪا پنهنجي والدين جي خدمت ڪرڻ کي بُوجهه سمجهندي آهي. الله جو قسم! اهو اسان جي پئسن جو نصيب آهي جو اهي والدين تي خرچ ٿين چوته سڄي زندگي ته انهن ئي خرچ ڪيو، جيڪو ڪجهه ڏنو انهن ئي ڏنو. اسان جيڪو ڪجهه آهيون ۽ اسان کي جيڪا عزت ملي، شهرت ملي ۽ دولت ملي، اهو سڀ ماءُ پيءُ جو صدقو آهي ۽ ان ۾ والد جو تمام وڏو ڪردار آهي ۽ اسان جي حالت اها هوندي آهي جو اسان ڪڏهن ڪڏهن والد جو شڪريو به ادا نه ڪندا آهيون. منهنجي ماءُ مون کي ڪارائيندي آهي، منهنجي ماءُ مون کي پياريندي آهي، منهنجي ماءُ مون کي سيني سان لڳائيندي آهي، منهنجي ماءُ مون کي ڪا شيءِ آڻي ڏيندي آهي ته ماءُ کي پئسا ڪير ڏيندو آهي؟ ڪمائي ڪير ڪٺي ايندو آهي؟ والد سڄي گهر جو ٿنڀو هوندو آهي پر ڪو به ان جو شڪريو ادا نه ڪري رهيو هوندو آهي ۽ نه ئي ڪو هِن جي اُن تڪليف کي سمجهي رهيو هوندو آهي. والد سڄي گهر جو محسن ۽ سڄي گهر جي لاءِ چانورو هوندو آهي، جيڪو ويچارو محنت ڪري

رهيو هوندو آهي، اسان کي سايو ڏئي رهيو هوندو آهي، اسان کي نوازي رهيو هوندو آهي، اسان وٽ جيڪو ڪجهه آهي اهو اسان جي والد جو آهي، اهو مان نہ چئي رهيو آهيان، اسان جا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائي رهيا آهن. نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ دور جو هڪ نهايت ئي درد ڀريو واقعو مُلاحظ فرمايو:

## ڏُکايل پيءُ جي ڪهاڻي ان جي پنهنجي زباني

پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ هڪ پٽ پنهنجي پيءُ جي شڪايت کڻي حاضر ٿيو تہ حضور! منهنجو پيءُ منهنجو مال مون کان وٺڻ چاهي ٿو. نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: پنهنجي پيءُ کي وٺي اچ. جڏهن اهو نوجوان پنهجي پيءُ کي وٺي آيو تہ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: تنهنجو پٽ چئي ٿو تہ تون ان جو مال ان کان وٺڻ چاهين ٿو؟ والد عرض ڪيو: حضور! هن کان اهو بہ تہ پڇو تہ مان ڪانئس مال وٺي ڇا ڪندو آهيان؟ هن کان پئسا گهري، انهن پئسن جو ڇا ڪندو آهيان؟ پنهنجي عزيزن ۽ مٽن مائٽن جي مهمان نوازي ڪندو آهيان ۽ پنهنجي ٻارن جي ضرورتن تي خرچ ڪندو آهيان. اڃان گفتگو جاري ئي هئي تہ ايتري ۾ جبريل امين عَلَيْهِ السَّلَام حاضر ٿيا ۽ چيائون: حضور! هن جي پيءُ دل ئي دل ۾ ڪجهہ اشعار ترتيب ڏنا آهن، جيڪي اڃان تائين سندس زبان تي نہ آيا آهن، حضور! اوهان کيس چئو تہ اهي اشعار ٻڌائي. نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غيب جي خبر ڏيندي ارشاد فرمايو تہ تو ڪجهہ شعر سوچيا آهن، جيڪي اڃان تنهنجي زبان تي نہ آيا آهن. هن چيو: الله پاڪ هميشہ توهان جي معجزن جي ذريعي اسان جي دلي يقين ۽ بصيرت ۾ واڌارو فرمائيندو آهي. ان کان پوءِ ان والد نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهي شعر ٻڌايا، جن جو ترجمو هي آهي: ”مون توکي کاڌو کارايو، جڏهن کان تون پيدا ٿيو آهين، تنهنجو بار کنيو آهي، جڏهن تون ننڍڙو هئين، منهنجي ڪمائيءَ مان توکي بار بار سيراب ڪيو ويو. جڏهن ڪا بيماري تنهنجي مٿان مصيبت بڻجي ايندي هئي تہ مان تنهنجي بيماريءَ جي ڪري سڄي

سڄي رات جاڳندو هئس. منهنجي دل تنهنجي مرڻ کان ڊڄندي هئي، حالانڪ مون کي چڱيءَ طرح معلوم هو تہ موت يقيني آهي ۽ سيني تي مسلط ڪيو ويو آهي. منهنجيون اکيون ائين وهنديون هيون ڄڻ اها بيماري جيڪا رات جو توکي ٿي هئي، سا توکي نہ بلڪ مون کي ٿي هئي. يعني بيمار تون هوندو هئين، پر تڪليف مون کي ٿيندي هئي. مان بيچين ٿي ويندو هيس. مون توکي ائين پاليو، جڏهن تون جوان ٿئين ۽ ان حد تائين پهتين تہ مون کي اميد ٿي تہ هاڻي تون منهنجي ڪم ايندين، پر تو ان جو بدلو سختي ۽ بدزبانيءَ سان ڏنو. اي ڪاش! جڏهن تو والد هجڻ جي حق جو لحاظ نہ رکيو تہ اهڙو ئي سلوڪ ڪرين ها جهڙو هڪ پاڙيسري ٻئي پاڙيسري سان ڪندو آهي، گهٽ ۾ گهٽ ايترو تہ منهنجو خيال ڪرين ها.“ جڏهن ان ڏکايل پيءُ نبي رحمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي اهي شعر ٻڌايا تہ رَحۡمَۃٌ لِّلۡعٰلَمِیۡن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان نوجوان پٽ جو گريبان پڪڙي فرمايو: اِذۡهَبۡ اَنۡتَ وَمَالُكَ لِاَبِيۡكَ وڃ، تون ۽ تنهنجو سڀ مال تنهنجي پيءُ جو آهي.[1]

## ماءُ پيءُ پنهنجي لاءِ نہ، پر پنهنجي ٻارن جي لاءِ جيئندا آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! منهنجي آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو تہ ”**تون ۽ تنهنجو سڀ ڪجهه تنهنجي پيءُ جو آهي**.“ اڄ پئسا ڏيڻ وقت پٽ چوندو آهي تہ: بابا، هي منهنجا آهن ۽ هي توهان جا آهن ڪيترا ڏيان؟ بار بار جو گهرندا آهيو؟ پيءُ تہ ڪارائڻ وقت ڪڏهن ائين نہ چيو هو، بلڪ پنهنجي وات جو گرهہ ڪڍي بہ اسان جي وات ۾ وجهندو هو، پنهنجون خواهشون ماري اسان کي پاليندو هو. بابا سائين پاڻ نئون لباس گهٽ پاتو، پر اسان کي نوان نوان لباس ۽ نوان نوان جُوتا وٺي ڏنائين. جيڪو ڪجهه اسان گهريو، اسان جي والد پورو ڪيو. ڪڏهن اسان سوچيو آهي تہ اسان جي والد پنهنجي لاءِ ڪڏهن ڪجهه خريد

1......معجم صغير، باب من اسمه محمد،٢/٦٣، حديث٩٤٢۔

ڪيو آهي؟ ڪڏهن چيائين ته پٽ، اڄ هي جُوتا مون کي تمام گهڻو پسند آيا آهن، تنهنڪري مان پنهنجي لاءِ وٺي آيو آهيان؟ نه، نه، بلڪه پيءُ جي زبان تي هميشه اهو ئي رهيو آهي ته مان پنهنجي پٽ جي لاءِ وٺي آيو آهيان، پنهنجي ڌيءُ جي لاءِ وٺي آيو آهيان، پنهنجي زال جي لاءِ وٺي آيو آهيان. ماءُ پيءُ ڪمال جون هستيون آهن، اهي پنهنجي لاءِ نه جيئندا آهن پر پنهنجي ٻارن جي لاءِ جيئندا آهن ۽ جڏهن ٻار وڏو ٿي ماءُ پيءُ سان بدتميزي ۽ بدسلوڪي سان پيش ايندو آهي، دل آزاري وارا جملا ڳالهائيندو آهي ته ماءُ پيءُ جي دل ڪيتري نه ڏکاري ٿيندي هوندي! ڪتابن ۾ پيءُ جي عزت بابت لکيل آهي ته ”پٽ، پنهنجي پيءُ جي اڳيان ائين هجي، جيئن غلام پنهنجي آقا جي اڳيان هوندو آهي.“ [1] جڏهن پيءُ پٽ کي ڪو حڪم ڏئي، ته پٽ لَبَّيْك يعني حاضر چوي، اهو والد جو پٽ تي حق ۽ ادب آهي. اڄ حالات هي آهن جو پٽ، پيءُ ۽ پيءُ غلام بڻجي ويو آهي. هاڻي پيءُ چوندو آهي ته پٽ، ٿورا پئسا گهرجن ته پٽ انڪار ڪري رهيو هوندو آهي ته مون وٽ پئسا نه آهن، يا پيءُ چئي ته پٽ، هيڏانهن اچ، ٿورو ڪم آهي، ته پٽ جواب ڏئي ڇڏيندو آهي ته مون وٽ وقت نه آهي.

## پيءُ کي جهنگ ۾ ڇڏي اچڻ وارو بد نصيب پٽ

**حديث پاڪ** ۾ آهي ته: سيني گناهن جي سزا اللہ پاڪ چاهي ته قيامت تائين موقوف ڪري ڇڏيندو آهي، پر ماءُ پيءُ جي نافرماني جي سزا جيئري ئي دنيا ۾ ڏيندو آهي.[2] ان جو ردعمل هي هوندو آهي ته ان جي پنهنجي اولاد سندس نافرماني ڪندي آهي. مشهور واقعو آهي ته هڪ نوجوان جي شادي ٿي، سندس پيءُ پوڙهو هو، هر وقت کنگهندو رهندو هو. ان جي زال ڪيس چيو ته هن پوڙهي کي گهر مان ڪڍي ڇڏ. پٽ، جيئن ته زال جو غلام بڻجي ويو هو، سو پنهنجي پيءُ کي وٺي ويو ته ڪنهن ويراني يا جهنگ ۾ ڇڏي اچي. پيءُ چوڻ لڳو: پٽ! سردي ۾ مون کي ڪاٽي ڇڏڻ وڃي رهيو آهين، مون کي ڪو ڪمبل ته ڏي.

---

1...... تفسير در منثور، پ۱۵، بنیٓ اسرآءيل، تحت الآية: ۲۴، ۲۵۹/۵۔

2...... مستدرک،کتاب البر والصلة،باب کل الذنوب یوخر اللہ...الخ،۲۱۷/۵، حديث:۷۳۴۵۔

سندس پٽ سان گڏ ان نوجوان جو ننڍڙو پٽ بہ هو، اهو پنهنجي ڏاڏي کي چوڻ لڳو: ڏاڏا جان، مان توهان جي لاءِ ڪمبل ڪٽي ٿو اچان. جڏهن اهو ٻار ڪمبل ڪٽي آيو، تہ ان نافرمان پٽ ڏٺو تہ ڪمبل کي وچ مان ڪٽي ٻہ ٽڪرا ڪيو ويو آهي ۽ اڌ ڪمبل ڪٽي آيو آهي. اهو نافرمان پٽ پنهنجي پٽ کي چوڻ لڳو: تون اڌ ڪمبل ڇو ڪٽي آيو آهين؟ جنهن تي اهو ٻار چوڻ لڳو: اڌ هن لاءِ ڪٽي آيو آهيان ۽ جڏهن تون پوڙهو ٿيندين، تہ توهان کي بہ مون کي ڪاٽي ڇڏڻو پوندو، تہ ان وقت اڌ توهان کي ڏيندس. اهو ٻڌي ان نافرمان پٽ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا، ڪيس اهو سمجهہ ۾ اچي ويو تہ اڄ جيڪو مان پنهنجي والد سان ڪرڻ وڃي رهيو آهيان، سڀاڻي منهنجي اولاد بہ مون سان ائين ئي ڪندي.

## والد جي شفقتن کي ڪڏهن نہ وِساريو

اڳي اسان ٻڌندا هئاسين تہ اولڊ هائوس (Old House) يورپ ۽ آمريڪا ۾ آهن پر هاڻي تہ پاڪستان ۾ بہ نهڻ لڳا آهن ۽ هتي جا ماڻهو بہ پنهنجي پيءُ کي اولڊ هائوس (Old House) ۾ داخل ڪرائڻ لڳا آهن. اڙي نادان! هي جنت جو دروازو هو، جنهن کي گهر مان ڪڍي اولڊ هائوس (Old House) ۾ داخل ڪرايو اٿئي. جوانيءَ ۾ اچي پوڙهي پيءُ جي ڪنگهہ خراب لڳي رهي آهي، اهو نہ سوچيئي تہ اسان تہ انهن جي بستري تي گندگي ڪئي هئي پر ان وقت والد صاحب تہ اسان کي لت هڻي گهر مان نہ ڪڍيو هو. ڪڏهن اهو بہ سوچيو اٿئي تہ والد صاحب اسان جي ننڍپڻ ۾ ڪيتريون راتيون جاڳي گذاريون آهن؟ اهي سڀ ڳالهيون انسان کي ان وقت سمجهہ ۾ اينديون آهن، جڏهن هو پاڻ والد بڻجندو آهي، تڏهن ڪيس خبر پوندي آهي تہ ٻار ڪيترو تنگ ڪندو آهي؟ هاڻي تہ ڪيتريون ئي سهولتون (Facilities) اچي چڪيون آهن، ٻارن جا پيمپرز (Pampers) اچي ويا آهن ۽ ٻيون بہ ڪيتريون ئي سهولتون اچي ويون آهن. سوچڻ گهرجي تہ 30، 40 سال پهريان، جڏهن اسان ننڍڙا هئاسين، ان وقت تہ انهن وٽ پئسا بہ نہ هوندا هئا پوءِ بہ هنن اسان کي ڪيئن پاليو هوندو؟

## ٻارُ ۽ ٻُڍو ٻئي برابر آهن

هيءَ ڳالهه خاص طور تي ٻارن ۽ نوجوانن کي هميشه ياد رکڻ گهرجي ته عمر جو هڪ حصو اهڙو ايندو آهي، جنهن ۾ انسان پوڙهو ٿيڻ کان پوءِ واپس ٻيهر ٻار ٻڻجي ويندو آهي، جڻ ته هي هڪ مڪمل دائرو آهي: ننڍپڻ، جواني پوءِ پوڙهائپ. هاڻي هي پوڙهائپ ۽ ننڍپڻ ساڳيو ئي درجو رکن ٿا. جهڙيءَ طرح ٻار ڳالهه نه سمجهندو آهي، تيئن ئي پوڙهو شخص به ڳالهه نه سمجهي سگهندو آهي. جيڪڏهن ٻار ضد ڪندو آهي، ته پوڙهو به ضد ڪندو آهي. جيڪڏهن ٻار جي سمجهه **(Level Of Understanding)** گهٽ آهي، ته پوڙهي جي به سمجهه گهٽ ٿي ويندي آهي. اسان چوندا آهيون ته پيءُ ٿي ڪري ايترو ضد ڪندا آهن، اڙي ياءُ، انهن کي هاڻي **60** سالن جو نه سمجهه، پر ڇهن سالن جو سمجهه. جڏهن ڇهن سالن جو ٻار ضد ڪندو آهي ته مون کي فلاڻي شيءِ گهرجي ته ان وقت ڪير آهي جيڪو ٻار سان وڙهندو آهي؟ بلڪ ان تي پيار ايندو آهي. والد صاحب جي عمر **60** سال آهي، انهن جي سمجهه به هاڻي گهٽ ٿي چڪي آهي، هاڻي انهن تي به پيار اچڻ گهرجي. جڏهن والد صاحب به ٻار ٻار ضد ڪن يا ڳالهه نه مڃين، ته ان وقت سمجهڻ گهرجي ته مان ڇهن سالن جي ٻار سان ڳالهائي رهيو آهيان. ائين ڪرڻ سان والد صاحب جي خدمت ڪرڻ به آسان ٿي ويندي ۽ انهن جي ڪا به ڳالهه بري نه لڳندي. عام طور تي غصو ان ڳالهه تي اچي رهيو هوندو آهي ته هي منهنجي ڳالهه ڪي چو نه ٿو سمجهي؟ اصل ۾ ته غصو اچڻ ئي نه گهرجي، بدقسمت آهن اهي ماڻهو، جيڪي هن عمر ۾ به والدين سان بدتميزي ڪندا آهن.

## جيڪو پوکيندؤ اهوئي لُڻندئو

منقول آهي ته هڪ پٽ پنهنجي پيءُ کان تنگ اچي ويو هو، هن پنهنجي پيءُ کي گاڏي ۾ ويهاريو ۽ منصوبو ناهيائين ته فلاڻي نهر جي ڪناري تي پهچي ڪيس نهر ۾ ڌڪو ڏئي ڇڏيندس. جڏهن هو پنهنجي پيءُ کي وٺي ان نهر جي پل تي پهتو، ته سندس پيءُ سمجهي

ويو ۽ چوڻ لڳو: پٽ! هتي نہ، تورو اڳتي هل جتي پاٽي گھرو آهي، ان جاءِ تان مون کي ڌڪو ڏجان. پٽ چوڻ لڳو: هي توهان ڇا چئي رهيا آهيو؟ هن جي پيءُ وراڻيو: ڇوتہ مون بہ پنهنجي پيءُ کي هن ئي جاءِ تي ڌڪو ڏنو هو. اڄ جيڪو تون مون سان ڪري رهيو آهين، مون بہ پنهنجي پيءُ سان ائين ئي ڪيو هو، جنهن جو بدلو اڄ مون کي ملي رهيو آهي.[1] هيءَ دنيا مڪافاتِ عمل آهي. جيڪا اولاد پنهنجي والد جو ادب ڪندي آهي، تہ اڳتي هلي ان جي اولاد بہ سندس ادب ڪندي آهي. جيڪڏهن اوهان کي ڪٿي پار پنهنجي والد جا هٿ چُمندا نظر اچن، تہ ان ڪان وجي پڇجو تہ لڳي ٿو توهان پنهنجي والد جو ادب ۽ احترام ڪيو هوندو، هو ضرور چوندو تہ اَلْحَمْدُلله مون پنهنجي والد جو احترام ڪيو آهي. جيڪو شخص پنهنجي والد جو احترام ڪندو آهي، الله پاڪ ان جي اولاد کي بہ ان جو فرمانبردار بڻائي ڇڏيندو آهي. تنهنڪري پنهنجي والد سان پيار ڪيو، سندس ادب ڪريو ۽ پنهنجي والد جي حوصلہ شڪني **(Discouragement)** نہ ڪيو! ڪجھ ماڻهو تہ اهڙا نادان هوندا آهن، جيڪي پنهنجي پيءُ سان ڳالهائيندا بہ نہ آهن ۽ نہ ئي ساڻس ملندا آهن. ماءُ پنهنجي پٽ کي "**منهنجولال**" وغيره چئي سيني سان لڳائيندي آهي، پيار پريا لفظ چوندي آهي. پيءُ جيتوڻيڪ واضح ۽ کليل لفظن ۾ ائين نہ چوندو آهي، پر حقيقت ۾ هو بہ اولاد سان پيار ڪندو آهي، تڏهن ئي تہ اولاد جي لاءِ سڀ ڪجھ ڪندو آهي. هو زبان سان نہ چوندو آهي، پر ان جي دل ۾ بہ اولاد جي لاءِ تمام گھڻي همدردي هوندي آهي. گھٽ ۾ گھٽ ان کي تسليم **(Acknowledge)** تہ ڪريو، پيءُ جي محبت جو ڪڏهن تہ ان کي صِلو ڏيو. ڪڏهن پٽ بہ پيءُ کي چوي تہ اڄ مان جيڪو ڪجھ آهيان، اهو اوهان جي ڪري آهيان. اهو ٻڌي يقيناً پيءُ جي اکيون آليون ٿي وينديون.

## اَحاديث مبارڪ ۾ پيءُ جون فضيلتون

ڪجھ ماڻهو رڳو ماءُ سان سنو سلوڪ ڪندا آهن ۽ پيءُ سان وڙهندا

1......جيسی کرنی ويسی بهرنی، ص ٩٠ بتغير قليل۔

رهندا آهن، ائين نہ ڪرڻ گهرجي. پيءُ جو بہ ادب ۽ احترام ڪرڻ لازمي آهي. اللّٰہ پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: پيءُ جنت جو وچون دروازو **(Central Door Of Jannah)** آهي، هاڻي تنهنجي مرضي آهي تہ ان جي حفاظت ڪرين يا ان کي ڇڏي ڏين.[(1)] هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ ارشاد فرمايائون: پُٽ پنهنجي پيءُ جو حق ادا نہ ٿو ڪري سگهي، ايسيتائين جو هُو پنهنجي پيءُ کي غلام جي صورت ۾ ڏسي ۽ ان کي خريد ڪري آزاد ڪري ڇڏي.[(2)] هڪ ٻئي موقعي تي حديث پاڪ ۾ تمام اهم ڳالهہ ارشاد فرمايائون تہ **”رب جي رضا پيءُ جي رضامندي ۾ آهي ۽ رب جي ناراضگي پيءُ جي ناراضگي ۾ آهي.“** [(3)] سادن لفظن ۾ ائين ڪٽي ڇئجي تہ جنهن کان پيءُ راضي، تنهن کان رب راضي ۽ جنهن کان پيءُ ناراض، تنهن کان رب ناراض. اللّٰہ پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ ڪنهن حاضر ٿي عرض ڪيو: يارسول اللّٰہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي حسنِ اخلاق جو سڀ کان وڌيڪ حقدار ڪير آهي؟ ارشاد فرمايائون: تنهنجي ماءُ. هن ٻيهر عرض ڪيو: ان کان پوءِ ڪير؟ ارشاد فرمايو ويو: تنهنجي ماءُ. ٽيون دفعو عرض ڪيائين: ان کان پوءِ ڪير؟ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن دفعي بہ اهو ئي ارشاد فرمايو: تنهنجي ماءُ. هن چوٿون ڀيرو عرض ڪيو: ان کان پوءِ ڪير؟ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: تنهنجو پيءُ.[(4)]

نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زبان حق ترجمان مان جيڪو لفظ نڪرندو آهي، اهو حڪمت سان ڀريل هوندو آهي. آخرڪار حضور

1...... ترمذی،کتاب البر والصلة،باب ما جاء من الفضل فی رضا الوالدین،۳/۳۵۹، حدیث: ۱۹۰۶۔
2...... مسلم ، کتاب العتق ، باب فضل عتق الوالد ، ص ۶۲۴،حدیث: ۳۷۹۹

هن حديث پاڪ جي روشنيءَ ۾ حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جن فرمائن ٿا: مطلب هي آهي تہ پٽ پنهنجي پيءُ جي ڪيتري بہ خدمت ڪري، پر ان جو حق ادا نٿو ڪري سگهي. ان جو حق ادا ڪرڻ جي صرف هيءَ هڪ صورت آهي تہ جيڪڏهن پُٽ آزاد ۽ مالدار هجي، ۽ پيءُ غلام هجي تہ پُٽ ان (پنهنجي پيءُ) کي خريد ڪري وٺي، تہ جيئن اهو پيءُ ان (پٽ) جي ملڪيت ۾ ايندي ئي آزاد ٿي وڃي. (مراٰۃالمناجیح،۵/۱۸۲)
3...... ترمذی،کتاب البر والصلة،باب ما جاء من الفضل فی رضا الوالدین، ۳/۳۶۰،حدیث: ۱۹۰۷۔
4...... بخاری،کتاب الادب، باب من احق الناس بحسن الصحبة، ۴/۹۳، حدیث: ۵۹۷۱۔

اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٽي دفعا ماءُ جي باري ۾ ۽ هڪ دفعو والد جي باري ۾ ڇو فرمايو؟ ان جو سبب بيان ڪندي علماءِ ڪرام كَثَّرَهُمُ اللهُ السَّلَام فرمايو آهي ته ماءُ جا ٽي احسان هوندا آهن: (1) ماءُ نَوَ مهينا ٻار کي پيٽ ۾ پاليندي آهي (2) ولادت جي وقت جي تڪليف برداشت ڪندي آهي (3) ٻار جي پرورش ڪندي آهي، جڏهن ته پيءُ جو هڪ احسان هوندو آهي ته هو ٻار جي پرورش ڪندو آهي.[1] پيءُ جو جيتوڻيڪ هڪ حق ۽ ماءُ جا ٽي حق آهن پر ان جو هرگز اهو مطلب نه آهي ته پيءُ جو ادب ئي نه ڪرڻو آهي، بلڪ علماءِ ڪرام كَثَّرَهُمُ اللهُ السَّلَام لکيو آهي ته: خدمت ماءُ جي وڌيڪ ڪيو ۽ عزت پيءُ جي وڌيڪ ڪيو، ڇو ته هو تنهنجي ماءُ جو مڙس آهي ۽ تنهنجي ماءُ جو سرتاج آهي.[2] سيدي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکيو آهي ته جيڪڏهن والدين جو پاڻ ۾ جهيڙو ٿي پئي ته پُٽ کڏهن به والد جي حمايت ۾ ماءُ سان ۽ ماءُ جي حمايت ۾ پيءُ سان جهيڙو نه ڪري. پٽ کي ڪنهن سان به وڙهڻ جي اجازت نه آهي، ڪيس اتي به ادب جو دامن پڪڙڻ لازمي آهي.[3]

## هر نگاهه جي بدلي ۾ هڪ مقبول حَج جو ثواب

**يادرکو!** ماءُ پيءُ ٻئي احترام جي لائق هستيون آهن، ٻنهي جو ادب ۽ احترام ڪيو ۽ انهن کي محبت واري نگاهه سان ڏسي مقبول حج جو ثواب ڪمايو. حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪا نيڪ اولاد پنهنجي والدين ڏانهن محبت جي نظر سان ڏسندي آهي ته الله پاڪ ان جي هر نگاهه جي بدلي ۾ هڪ مقبول حج جو ثواب لکندو آهي.[4] حج جو ثواب گهر ۾ موجود آهي پر محبت واري نگاهه به هجڻ گهرجي. اڄڪلهه جي اولاد تيز نگاهن ۽ ڏيڄارڻ وارين نظرن سان پنهنجي والدين کي ڏسندي آهي.[5] اهڙي اولاد

1......مرأة المناجيح، ٦/٥١٥۔
2......فتاوىٰ رضويہ ، ٢۴ / ٣٩٠-٣٨٧ ملخصاً۔
3......فتاوىٰ رضويہ، ٣٩٠/٢۴ ملخصاً۔
4......شعب الايمان،باب فی برالوالدين، ١٨٦/٦، حديث:٧٨٥٦ ۔
5......حديثِ پاک ميں ہے : جس نے اپنے والد کو تيز نظر سے ديکھا اس نے والد کے ساتھ اچھا سلوک نہيں کيا۔ (تفسير در منثور، پ ١۵، بنی اسرآئيل،تحت الآية: ٢٣، ٢٦٠/۵)

تي افسوس آهي، جنهن سان ڳالهائيندي والدين ڏڄندا هجن. ماءُ جنهن پٽ سان ڳالهائڻ کان ڏجي رهي آهي ته ڳالهائيندس ته پٽ وڙهندو، الجهندو. اها ڏيءُ جنهن سان ڳالهائيندي ماءُ ڏجي رهي آهي ته اهڙو پٽ ۽ اهڙي ڌيءُ ڪهڙي ڪم جا آهن؟ هئڻ ته ائين گهرجي ته جڏهن ماءُ پيءُ ڪا ڳالهه چون، ته جواب ۾ لَبَّيْك جي صدا اچي، چاڪاڻ ته اهو انداز اسان کي شريعت سيکاري ٿي، پر اڄ اولاد ان ڳالهه کي نه ٿي سمجهي.

## فوت ٿي ويل والدين کي راضي ڪرڻ جو طريقو

ڪيترائي ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جن جا والدين ڪانئن ناراضگيءَ جي حالت ۾ دنيا مان هليا ويندا آهن، اولاد انهن کي راضي نه ڪندي آهي ڪين بعد ۾ احساس ٿيندو آهي ته اسان اهو ڇا ڪري ڇڏيو. ياد رکو! پيءُ راضي ته رب راضي. جيڪڏهن ڪنهن جا والدين ناراضگيءَ جي حالت ۾ دنيا مان رخصت ٿي چڪا آهن ته علماءِ ڪرام ڪَثَّرَهُمُ اللهُ السَّلَام لکيو آهي ته هاڻي اولاد کي گهرجي ته والدين جي ايصال ثواب لاءِ خوب خوب نيڪيون ڪري ۽ انهن جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪندي رهي.[1] ياد رکو! نيڪيون صرف پئسن سان ئي نه ٿينديون آهن يا رڳو مسجد ناهڻ ئي نيڪي نه آهي، نماز پڙهڻ به نيڪي آهي ۽ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ به نيڪي آهي. جيڪا اولاد پنهنجي والدين جي مغفرت لاءِ دعا ڪندي رهي ته الله پاڪ جي رحمت مان اميد آهي ته هو انهن جي روح کي انهن سان راضي ڪري انهن کي فرمانبردارن ۾ شامل فرمائي ڇڏي.[2]

## والدين جي لاءِ دعا گهرڻ جو طريقو

اڄان به وقت آهي، پنهنجي بقايا زندگي ۾ پنهنجي والدين جي لاءِ

---

1... فتاوىٰ رضويه، ۳۹۱/۲۴ ـ

2... نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيڪو پنهنجي ماءَ پيءَ يا انهن مان ڪنهن هڪ جي قبر جي هر جمعي زيارت ڪري، ته ان جي بخشش ڪئي ويندي ۽ اهو نيڪي ڪندڙن (يا ڀلائي ڪندڙن) ۾ لکيو ويندو“. (شعب الايمان، باب فی بر الوالدين، فصل فی حفظ حق الوالدين بعد موتهما، ۲۰۱/٦، حديث: ۷۹۰۱)

دعائون گهرو. قرآن ڪريم ۾ الله پاڪ والدين جي لاءِ دعا گهرڻ جو طريقو بيان ڪندي ارشاد فرمايو آهي: ﴿وَقُلْ رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًا﴾[1] ترجمو ڪنز العرفان: **”۽ دعا ڪر ته اي منهنجا رب! تون انهن ٻنهي تي رحم ڪر، جيئن جو انهن ٻنهي مون کي ننڍپڻ ۾ پاليو.“** الله پاڪ اسان جي والدين تي رحم فرمائي ۽ انهن کي جنت نصيب فرمائي. (هن موقعي تي رڪن شوريٰ، حاجي عبد الحبيب عطاري مدظله العالی پنهنجي والد ماجد جو ذڪر ڪندي فرمايو:) منهنجو والد صاحب، جنهن مون کي آڱر کان پڪڙي هلڻ سيکاريو آهي. ڪجھ ڏينهن بيمار رهيا، جيڪڏهن ايئن چئجي ته الله پاڪ جي راهه ۾ ويا هئا ته اها ڳالهه غلط نه ٿيندي ڇو ته هو مسجد ۾ نماز پڙهڻ لاءِ ويا هئا اتي اوچتو ڪِري پيا ۽ ڪين مٿي ۾ ڌڪُ لڳو جنهن جي ڪري هو اسپتال ۾ داخل ٿيا ۽ پوءِ ٻيهر گهر ڏانهن نه اچي سگهيا. الله پاڪ انهن جا درجات بلند فرمائي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت فرمائي. واقعي والدين عظيم هستيون آهن، الله پاڪ اسان کي انهن عظيم هستين جو قدر ڪرڻ نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## رزق ۾ واڌاري جو نسخو

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن کي اها ڳالهه پسند آهي ته سندس عمر ۽ رزق ۾ واڌارو ڪيو وڃي، ته ان کي گهرجي ته پنهنجي والدين سان سٺو سلوڪ ڪري ۽ پنهنجن رشتيدارن سان صلهءِ رحمي ڪري.

(مسند امام احمد، مسند انس بن مالک، 530/4، حديث: 13812)

## روزي ۾ بي برڪتي جو سبب

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جڏهن ٻانهو ماءُ پيءُ جي لاءِ دعا گهرڻ ڇڏي ڏيندو آهي ته ان جو رزق بند ٿي ويندو آهي.

(ڪنز العمال، الجز: 16، 201/8، حديث: 45548)

1...... پ۱۵، بنیٓ اسرآءیل:۲۴۔

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ ؕ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

**اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو فرمان:**

ماءُ پيءُ جو گهڻو خيال رکڻ گهرجي
تہ جيئن ئي هو سڏ کن، سڀ ڪم ڇڏي
جي امڙ، جي بابا چئي سندن خدمت ۾ حاضر
ٿي وڃڻ گهرجي. (نيڪي جي دعوت، ص 437)


فيضانِ مدينہ، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net